ماهوار

# سُهڻي

مئي - ۱۹۷۱ع



معياري ادب . <u>ڪنڊڙ</u>

ماهوار

# سُهڻي

مئي - ١٩٧١ع

جلد: ٢ نمبر: ٥

ايـڊيـٽـر
طارق اشرف

سـاٿـي
واحد امرواهي

قيمت: ١-٥٠ سال لاءِ: ١٥-٠٠

سهڻي پبلشرس
ايف/٤٥-٧٥٠، ويسٽ ڪچا
حيدرآباد سنڌ.

SOHNI PUBLISHERS
F/45-750 West Kutcha
Hyderabad Sind.

# پيش ترتيب


پنهنجي طرفان.... — طارق اشرف

هي پرچو — ادارو


## ڪهاڻيون


| | | |
|---|---|---|
| نہ ويڄ، نہ طبيب | آمر جليل | ٦ |
| تـابـو | اقبال جتوئي | ١٨ |
| برسات (THE RAIN) | سمرست ماهم | ٢٥ |


## شعر


| | | |
|---|---|---|
| غزل | بشير موريائي | ٨٦ |
| گيت | شمشير الحيدري | ٨٧ |
| غزل، نظم، وائي | امداد حسيني | ٨٨ |
| نظم | الطاف | ٩٠ |
| نظم | سحر ٻلوچ | ٩١ |
| نظم | پير بخش پياسي | ٩٢ |
| نظم، گيت، بيت | قاصر جمالي | ٩٣ |


## ڊرڪ


| | | |
|---|---|---|
| اخبار وطن، راڻي | طارق اشرف | ٩٦ |


## تنقيد ۽ رايا


| | | |
|---|---|---|
| پڙهندڙن جا خط | پڙهندڙن وٽان | ٩٦ |


( سڀ حق ۽ واسطا قائم )

---


سيد سليم شاهہ قادري، شاهد پرنٽرس، صدر، حيدرآباد سنڌ مان ڇپرايو.
فقط ٽائيٽل، پرفيڪٽ پرنٽرس، الهندي ڪچي، حيدرآباد سنڌ، ۾ ڇپيو.

# پنهنجي طرفان....

▲ اپريل جو پرچو ڏري گهٽ تيار ٿي چڪو هو، جو سنسرشپ جو آرڊيننس لڳو. اسان پرچو سنسر لاءِ پيش ڪيو، پر اُتان اِهو پرچو ’آجو‘ ٿي نه سگهيو. اپريل جو پرچو نه ڪڍڻ تي اسين سهڻيءَ جي خريدارن ۽ پڙهندڙن کان معذرت ٿا گهرون.

ــ طارق اشرف

# هي پرچو

▲ هن پرچي ۾ آمر جليل ۽ اقبال جتوئي کان علاوه جڳ مشهور ليکڪ سمرسٽ ماهم جي مشهور ڪهاڻي برسات (The Rain) پيش ڪئي اٿئون. اسانجي ڪوشش آهي، ته هر مهيني دنيا جي بهترين ڪهاڻين يا ناولن جا ترجما پيش ڪريون. ايندڙ پرچي ۾ اسين جڳ مشهور فرينچ ليکڪ البرٽ ڪاميو جو مشهور ناول OUT-SIDER پيش ڪنداسين.

▲ ايندڙ پرچو جون- جولاءِ جو گڏيل پرچو هوندو.

— ادارو

ٻيا

نہ ويڄ، نہ طبيب

ٽاپو

برسات

# ڪھاڻيون

پنهنجا اوزار رکندي چيائين، ”تنهنجي پٽ کي وهم آهي.“

”وات وهم!“

”وهم.“

مون چيو، ”منهنجو ساهه ٽو منهنجي ڊاڪٽر. مونکي ائين ٿو محسوس ٿئي، ڄڻ بيرحم خارجي قوتون منهنجي نڙيءَ ني ننهن ڏيئي منهنجيءَ نڙيءَ ۾ قاتل شيءِ کي ڇڄڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن.“

”اهو سڀ وهم آهي،“ ڊاڪٽر چيو، ”منهنجو وقت خراب نه ڪيو. مان ڪنسلٽنگ فزيشين آهيان. ڪو معمولي ڊاڪٽر نه آهيان.“

”منهنجو ساهه ٽو منجهي ڊاڪٽر،“ مون تڪليف وچان چيو، ”منهنجي نڙيءَ ۾ قاتل شيءِ ڦيريون پائي رهي آهي.“

”سڀ وهم آهي،“ ڊاڪٽر ڪاوڙ منجهان چيو، ”وڃو وڃو. پوڙها، وٺي وڃ پنهنجي پٽ کي.“

بابا جا ڪلها انگريز ايڪٽرن وانگر آيا تي ويا. چيائين، ”ماءِ سن ڊاءِ - ايند يو ٽيل گوگو! (منهنجو پٽ مري رهيو آهي، ۽ تون چوين ٿو وڃو!)“

ڊاڪٽر صاحب ميز جي پاسي ۾ ڪنل بٽڻ تي آڱر رکي. گهنٽيءَ ٽرڙات ڪيو. هڪ ڇهه فٽو راوڻ جهڙو پٽيوالو اندر آيو. ڊاڪٽر اسان ڏانهن اشارو ڪندي ڪيس چيو، ”هن پوڙهي، ۽ پوڙهي جي جوان وهمي پٽ کي ڌڪا ڏيئي اسپتال مان ٻاهر ڪڍي ڇڏ.“

بابا رڙ ڪئي، ”وات! انسليٽ!“

راوڻ اسان کي اسپتال مان عزت سان ڪڍي ڇڏيو.

بابا ۽ مان جرنيل هوش محمد شيدي روڊ تي اچي بيٺاسين.

بابا چتائي منهنجي منهن ۾ نهاريو. پڇيو مانس، ”ڇا پيوڏسين بابا.“

چيائين، ”پانيو هوم شايد مڪر پيو ڪرين. پر نه. تنهنجا لاهه نڪري ويا آهن. تنهنجي نڙيءَ ۾ ضرور ڪا شيءِ اٽڪي پيئي آهي. توسان ٽربل (ويذن) آهي.“

جي ڳريل حالت ڏسي سندس اکين ۾ پاڻي تري آيو. پر هي پاڻي، هي آنسو، اکين ڳوڙهن کان مختلف هئا. اُهيان ڳوڙها هئا، پٿر ۾ چير ڪرڻ وارا، سڪي ۾ اٿل آڻڻ وارا، ۽ هنن ڳوڙهن ۾ ڪجهه خوشي هئي ڪجهه ڏک! هي گاڏڙ ڳوڙها هئا- خوشي ۽ غم جو سنگم هو، منجهن اميد جي جهلڪ هئي. پيار جا لياڪا پئي نظر آيا. ٽپهري جي لڙندڙ سج وانگر، سيني جا منهن لٿل هئا. ماحول اداس هو. سڀ ڪومايل هئا. سوگوار سوگوار هئا.

سيني جي اکين مان گهڻو پاڻي وهي چڪو هو. تمام گهڻو. وڏيڪ آنسو هئا ئي نه جو ڳڙن. پر سيني جي خالي اکين ۾ هڪ چمڪ هئي. هڪ جهلڪ هئي. سالن ڪانپوء ته اها چمڪ آئي هئي. سالن ڪانپوء ئي ته هو ماڳ رسيو هو. وري وات لڏي هئائين. سالن ڪانپوء ئي ته هنن پيار پسيو هو.

١

---

**عورت ۽ پيار** سنڌيءَ جو پهريون ڪتاب آهي، جنهن جون هڪ هزار ڪاپيون فقط پنجويهن ڏينهن ۾ ختم ٿي ويون.

**هاڻ اِهو شاندار ڪتاب وري پيش ڪيو ويو آهي.**

# عورت ۽ پيار

فرانس جي جڳ مشهور ليکڪ **پيري لوئي** جو شاندار ناولٽ جنهنجو ترجمو سنڌ جي مشهور ڪهاڻيڪار **غلام نبي مغل** ڪيو آهي.

صفحا ١٢٠ — چار رنگو ٽائيٽل — قيمت ١-٢٥

ادارهٔ ادبِ نو حيدرآباد، سنڌ

”موجوده حالات ۾ تون اِها اميد ڪيئن رکي سگهين ٿي ته گورنر صاحب توکي هتي رهڻ جي اجازت ڏي.“

”تو ئي اِهو سڀ ڪيو آهي. تون مونکي هلائي ٿتو سگهين. هي تو ئي ڪيو آهي.“ مس ٿامپسن گجندي چيو.

”مان توکي ڏوهڪو ڏيڻ نٿو چاهيان. مون گورنر صاحب تي زور آندو ته انهيءَ جا جي فرائض آهن، انهن مطابق جا واحد ڪارروائي هنکي ڪرڻ گهرجي، اهائي ڪري.“ ڊيوڊسن سچ ڳالهايو.

”تون مونکي پنهنجي حال تي ڇو نه ڇڏي ڏنو؟ مان ته توکي ڪو به نقصان نٿي پهچائي سگهيس.“

”تون اِهو يقين رک ته جي تو مونکي نقصان پهچايو به، ته مان انهيءَ کي برو نه سمجهندس.“

”ڇا تون اهو سمجهي رهيو آهين، ته هتي هن ذليل پيشي ڪرائڻ لاءِ مان سدائين رهڻ آئي آهيان؟ منهنجي شڪل صورت جهنگلين جهڙي ته نه آهي، يا آهي؟“

”جي اها صورت حال آهي، ته مان سمجهي نٿو سگهان ته توکي شڪايت ڪهڙي سبب آهي؟“ ڊيوڊسن چالاڪي ڏيکاري.

هوءَ ڪاوڙ منجهان رڙيون ڪندي ڪمري مان نڪري ويئي. ٿوري وقت لاءِ خاموشي رهي. ڊيوڊسن خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چيو:

”اهو ڄاڻندي وڏو اطمينان ٿيو، ته گورنر آخرڪار حڪم ڏيئي ڇڏيو. هو هڪ ڪمزور طبيعت رکندڙ شخص آهي ۽ ڳالهه کي ٽارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پهريائين ته هن ائين چيو ته هوءَ هتي فقط پندرهن ڏينهن رهندي ۽ جيڪڏهن هوءَ آپيا هلي ويئي، ته اُتي فقط انگريزن جوئي حڪم هلندو آهي. منهنجو انهيءَ ۾ ڪو به دخل ڪو نه آهي.“

مسٽر ڊيوڊسن اچل ڪائي اُٿي بيٺو ۽ ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ لڳو ۽ ڳالهائيندو رهيو، ”اها تمام خراب ڳالهه آهي، ته جي شخص برسراقتدار آهن، اُهي پنهنجي جوابداريءَ کان بچڻ جي ڪوشش ڪن. اُهي ائين سمجهي رهيا آهن، ته جا برائي اکين اڳيان نٿي ٿئي، اُها برائي نه آهي. هن عورت جو وجود ئي هڪ لعنت آهي. جيڪڏهن

وح، رات وانگر ڪارو هو. هينئر پاڪ ٿي ويو هو ۽ تازي پيل برف انگر سفيد آهي. پنهنجي سيني گناهن لاءِ هنجي توبنهه به ڏاڍي حسين هي. مان حقير ۽ خائف آهيان. مان لائق به نه آهيان ته هنجي دامن کي هٿ لايان.“

”ڇا، اڃا تائين به اوهانجي دل ايتري سخت آهي جو هنکي ُسان فرانسڪو‘ واپس موڪليو. امريڪا جي ڪنهن جيل ۾ ٽن سالن تائين. مان سڻو ائين ٿو سمجهان ته اوهان هنکي انکان بچايو.“

”اڙي، توهان هي ٽنا ڏسو ته اهو ضروري آهي؟ ڇا، توهان سمجهو ٿا ته منهنجي دل هن لاءِ خون جا ڳوڙها نٿي ڳاڙي؟ مان هن سان ايتري محبت ٿو ڪريان جيتري پنهنجي زال ۽ ڀيڻ سان. جيترو وقت هوءَ جيل ۾ رهندي، مونکي اهي سڀ تڪليفون مانديون جي هوءَ اتي سهندي.“

ڊاڪٽر بي صبر ٿي چيو، ”ڍڪوسلو.“

”اوهان ٽنا سمجهو ڇاڪاڻ ته اوهان انڌا آهيو. هن گناهه ڪيو آهي، انهيءَ ڪري هنکي تڪليف سهڻي آهي. مان سمجهانٿو ته هن تي ڇا گذرندي. هنکي بکيو رکيو ويندو، عذاب ڏنا ويندا ۽ ذليل ڪيو ويندو. مان چاهيانٿو ته هوءَ انسان کان مليل سزا کي خدا جي لاءِ قرباني سمجهي، قبول ڪري. مان چاهيانٿو ته هوءَ اها تڪليف خوشيءَ سان قبول ڪري. هنکي اهڙو موقعو مليو آهي جو اسانکي گهٽو گهٽ ملندو آهي. خدا وڏو مهربان ۽ نهايت رحم وارو آهي.“

ڊيوڊسن جو آواز ڏڪي رهيو هو. هو مشڪل سان انهن لفظن کي اُچاري رهيو هو، جي جوش ۽ جذبي ڪري هنجي وات مان ٻڙڪا ڏيئي نڪري رهيا هئا.

”سڄو ڏينهن هن سان دعائون گهرندو آهيان ۽ جڏهن مان هنکان جدا ٿيندو آهيان ته وري دعائون گهرندو آهيان. مان پنهنجي پوري طاقت سان دعائون گهرندو آهيان ته جيئن يسوع مسيح هن تي ايترونئي وڏيڪ رحم ڪري. مان هنجي دل ۾ سزا کي خوشيءَ سان سهڻ واري آرزو ان لاءِ پيدا ڪرڻ ٿو گهران، ته جيڪڏهن مان هنکي آخر ۾ معاف به ڪري ڇڏيان تڏهن به هوءَ هتي ترسڻ کان انڪار ڪري

زل
ٻيت
زل، وائي، نظم
ظم
ظم
ظم
نظم، بيت، گيت

# شعر

بشير موريائي
شمشير الحيدري
امداد حسيني
الطاف
سحر بلوچ
پير بخش پياسي
ناصر جمائي

## بشير مورياڻي

دار تي اڄ خون دل جي جلوه آرائي ڪجي،
هڪ نرالي رنگ جو تو کي نه سودائي ڪجي.

روشني آهي انڌيرن ۽ خلائن ۾ اسير،
روشني جي واسطي خالي تمنا، ٿي ڪجي.

هر جهلڪ زنجير جي زخمي ڪيو احساس کي،
پنهنجي من ۾ هاڻي جيڪا پيي اچي سا ٿي ڪجي.

التفات آهي جتي مخصوص بس اغيار لا،
اهڙي محفل کان پسند اي دوست! تنهائي ڪجي.

درد جي دونهين کي شعلي جي ڏجي صورت 'بشير'
دل چوي ٿي ڪونه ڪو سامانِ رسوائي ڪجي.

مشير الحيدري

# تنهنجا ڳوٺ وسن

سنڌ سُنهاڙي، ساهه سيباڙي، تنهنجا ڳوٺ وسن.

تنهنجا ماڻهو محنت وارا، مهر محبت وارا،
تنهنجي ڌرتي سون اُپائي، پاڻي امرت ڌارا:
تنهنجون هوائون مُشڪ ڪٿوري، ٻَر ٻَر باغ لڳن-
الا، شل تنهنجا ڳوٺ وسن....

تو ۾ شاهه ڀٽائي آهي، تو ۾ شاهه درازي،
تو ۾ دودو، دولهه دريا، هوشوءَ جهڙا غازي:
لعل قلندر جهڙا تو ۾ جڳ کي جوت ڏين-
الا، شل تنهنجا ڳوٺ وسن....

جهول ۾ تنهنجي سوين هزارين سالن جا سرمايا،
ساريءَ دنيا تنهنجي در تان ڪيئي فيض پِرايا:
موج پري مهراڻ جون مستيون تنهنجا اوج ڏسن-
الا، شل تنهنجا ڳوٺ وسن....

## اِمداد حسيني

وچي پيو سڀ ڪجهہ ٺڪرايو
چُپ چُپ نہ رهو ڪجهہ ڳالهايو
منهنجو ڪوئي گهر ڪونهي ڪو
ڳالهائڻ لئي جي ڪجهہ ڪونهي
جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي ويو
چوڏهينءَ جي چانڊوڪي آهي
پنهنجيءَ حالت تي کل آئي
سنڌيءَ ۾ هڪ چوٽي آهي:
ديپ جلايو ديپ جلايو
دل جي درتي ٺڪ ٺڪ ٿي هئي
هي رستو ساڳيو رستو آهي
ڪونہ مڃيندس ڪونہ مڃيندس
’امداد‘ بہ ڪوئي ماڻهو آهي
خالي بوتل خالي ساغر
رتُ سمورو روئي ڇڏيو
روشنين ۾ پنهنجو پاڇو
ڪير ملهائي يا نہ ملهائي
هونئن بہ واندا ڪونہ هئاسين
سڀ ڪجهہ سستو ڏئي، اسان
ڪَتوي چئي ويا ڪوِ تائن ۾

توتي روح ڏنو جو رايو
پٿر تي شيشو اڇلايو
ونڪي هُن جي گهر پهچايو
ورجايل ڳالهيون ورجايو
هاڻ اوهين ڇا ٿا سمجهايو
راڻو ڳايو راڻو ڳايو
رئڻ گُهريم پر رئڻ نہ آيو
لايو ٿيندو آهہ سجايو
اونداهہ منجهان جان ڇڏايو
ڪير آيو، ڇا ڪير نہ آيو؟
جنهن تان تو ڪالهہ موڪلايو
بحث ڪريو ٿا يار اجايو
ڪنهن هي آهي هُل هُلايو
اکين ڪي پئي مون ڇُلڪايو
هڪڙي هڪڙي ٻوند بچايو
ڏاڍو گهوليم هٿُ نہ آيو
ڌرتيءَ پنهنجو پاڻ ملهايو
اڄ ڪجهہ آهي، سُور سوايو
ٻن پيارو پيارو پُور پرايو
عشق بنا سڀ آهہ اجايو

# هيلوڪو وري آ

سوڍا سرتا سانورا، انچل چنچل بانورا
هيلوڪو وري آ

هڪڙي تان ڪونجلڙي، هڪڙي تان ڪونجلڙي
ڳوڙها پيئي ڳاڙي، رويو رت رئاڙي
هيلڪو وري آ

هڪڙي تان ڪويلڙي، هڪڙي تان ڪويلڙي
ڪوڪي پئي بن ۾، آگ لڳي وئي من ۾
هيلوڪو وري آ

آئون تان هيڪلڙي، آئون تان هيڪلڙي
سڙهي سيج سڄي ڙي، آهي آس اُجي ڙي
هيلوڪو وري آ

# پڄاڻي

منهنجا رستا،
رُلي
پتڪي
ٿڪي
ٿُٽي
تنهنجي در تاءِ اچي
ختم ٿي ويا!

الطاف

# آٿت

تنهنجيَ ڇهريَ تي اُهاَ مرڪ نہ ڏسجي رُتي مِٺي
نور بدران تــو وسَي رِنير سَندء نيڻن مــان
جن سان ڏئي ٿهڪ اکِي مونکي خوشي ڏيندي هئين
اڄ ڇو نڪرن ٿا رڳو سڏڪا اِنهن چپڙنَ مــان

لڙڪ سونهن تہ نہ ٿا تنهنجي اکين ۾ ديوي
پو بہ اڳ جيئن لڳين ٿي تون پياري دلڪش
تون تہ هرحال ۾ هر روپ ۾ پياري ٿي لڳين
پر توکي کلندو ڏسڻ جي ئي رهي ٿي خواهش

تنهنجيَ ڳلڙن تي هِي ڳاڙهاڻ ۽ پيلاڻ جو ميل
پنهنجي سنسار ۾ ڄڻ آهہ شفق جهڙو سمان
پيار جي ديس ۾ ڄڻ اڀري رهيو آهي سج
ريت جي رات جهڪي ويئي محبت جيَ اکيان

هــن صبح ويــل سندء نيڻ ڇــو آلا آهن
هان، اڇي آس جي هيءَ نرم ۽ نازڪ پوتي
پنهنجي ڳلڙن تان انهي ساڻ اگهي ڇڏ ڳوڙها
ڇو تــي بيڪار وڃائين اهــي اڻلڀ موتي

تنهنجي معصوم اکين مان جيَ وهن ٿا ڳوڙها
مونکي ڏي پنهنجي ڳلن ساڻ لڳايان تن کي
تنهنجي سيني ۾ جيَ سورن جون سُنون ٽيون اڀرن
مونکي ڏي پنهنجي اندر منجهہ سمايان تن کي

حر بلوچ

# ڪيهہ ڪٿوري

ساهه سيباڻي سنڌڙي جيجل
مُرڪ تہ مرڪان منهنجي آيل
سسئي سُهڻي سورٺ مومل
جيڏي سرتي ۽ وڏي سونل
تنهنجي ٻُوري ٻُوري مِٽي
سونَ رُپي کان وڌ تي ڀانيان
اِن مٽيءَ کي ماٿي لايان
تارن جي مان مالها پوئي
تنهنجي ڪُونج ڳچيءَ ۾ پايان
جهرمر جهرمر چنڊ جو جهومر
تنهنجي نراڙ تي جهرڪايان
موتيو مگرو چمپا چنبيلي
(ڪرمچي ڳاڙها اڇا گل!)
تنهنجي چوٽيءَ ۾ ڦُل پايان
ڪومل شيتل گيت رچي مان
پايل جا سُر گهورُون گهوريان
ڇير ڇير ۾ ڇم ڇم ڇيرڪڻ
ويريءَ تي آ وڄ ڪِرڻ
تنهنجي ڪيهہ ڪٿوري ڀانيان
تارا تارا سينڌ سجايان
مرگهہ اکين ۾ ريکا پايان
لالَ! لبن کي سرخي لايان
لوڏيءَ لوڏيءَ لاڪ لڳايان
پَل پَل پنهنجي پريت پُڄايان
نينهن نڀايان، پاڻ پڏايان
ساهه سيباڻي سنڌڙي جيجل
مرڪ تہ مرڪان منهنجي آيل!

## پير بخش پياسي

# نظم

ڏک ڀري دنيا، ڏکيا ماڻهون،
ڪٿ ٿين ڪِهندو ڪير هتي؟

تو مون سر تي آئي بلا جي،
بيگر وهندو ڪير هتي؟

چيڪي چيڪي مٽي پنهنجا،
هنڙا گهندو ڪير هتي؟

ماس کي ماس جڏهن تو کائي،
وجي پوء رهندو ڪير هتي؟

ڏاڍو هت سو ڳاڀو آهي،
تو سان ڊهندو ڪير هتي؟

ٻڪري کائي ويو جي شينهن،
وتندو ٿهندو ڪير هتي؟

راه ويندي ويو لتجي تنهن،
سار ٻه لهندو ڪير هتي؟

پنڌ اٽانگو ڏور اجا پيو،
منزل ڪهندو ڪير هتي؟

بحر سڪوت ۾ آيو طلاطم،
سو پيو سهندو ڪير هتي؟

تو جي گيت آهن جا اڪيا،
'پياسي' ٿهندو ڪير هتي؟

قاصر جماڻي

## ٻارڙا

ٻارڙا،
هي اڳهاڙا اُگهڙ،
سنڌو جي سير ۾،
جي خاطر لوهون ڏيندڙ،
مهائن جا هي،
ٻارڙا،
جن،
امڙ جي اره تي
بڪارا ڏلبند،
ٻي خاطر،
هٿوراڙيون هڻندڙ هي،
ٻارڙا.

## گيت

ساٿي اڄ ڪو گيت ٻڌا
او ساٿي اڄ ڪو گيت ٻڌا
موسم ڏس تون مات نه ڪر
اڄ سهڻو ڪو سنگيت ٻڌا.
بجلي چمڪي چٽي وئي آ
ڪو نئون نياپو ڏئي وئي آ
رات به ساٿي وئي پٽي آ
اڄ هلبو ڪهڙي ريت ٻڌا.
جهڙ ڦڙ مينهن وسڻ جي وائي
ڪنهنجي ياد نئين سر آئي
اکڙين ٻرجي سر سي لائي
اڄ ڪنهنجي ٿيندي جيت ٻڌا.
تنهنجي تان ۾ ويهي گوليان
تنهنجي ساز ڪي ويهي ڦوليان
اڄ تانگهه اندرجي توسان کوليان
آهي 'قاصر' جو ڪو ميت ٻڌا؟

# بيت

موت هزارين ماريءِ آءٌ تنهنجو عزرائيل
ڇنو ماريءِ ڪو هڪڙو عاشق اڇي عليل؟
کهڙا ڏيان دليل، هن منصور جي ملڪ جا.

واهڙ ريت وهڻ جي ڪوه اکين سين ڪن
ڪڏهن وهن ڪينڪي ڪڏهن ڏمريو ڏيهه ڪٽن
آٿيو آب اڏارو تـدي پيٽ وهـن
سدا وهن سوز ۾ اندر آگـ اکين
آٿو رت رڳن مان ٿهڪيو نيڻ تمن
ڪڏهن ڪين ڪڇن، سدا نمائيون نياز ۾.

عيدون سدا اچن عيدن وڏا ڀاڳـ
آئي جنين اجريا ميرا مٿي ڳجا ڀاڳـ
سرتيون مون سهاڳ عيد پسي اڄ آئيو.

ايئون اپ تڪين اکيئون ساري رات
اگهيو اگهيو پرچايان مئيون ڪين مڇين
سڙيون ڪين سلين ڪي جو پسي آئيون.

ڪي ڏينهن هي ڪونجڙي تلي تي تولي
ولـر ويس وڇڙي پٺي ٻيرين ٻـولي
پوري ڪونج پينرون پٺي ڳيرن ۾ ڳولي
ڪائي نه منهن ڪولي روئي رڳو روه لاءِ.

مرڻ، جيئڻ سڪ سور سيئي ڇڏير سانگ
عشق اڇي امام ٿيو ٻره ڏني ٻانگ
نينهن زهري نانگ، پر ڏنگي تو ڪنهن ڪنهن کي

درد ڪر اڇا اضافو ڪمي نه ڪر ڪا
ڪونه ڪري جـا تو سور سا ڪٿي.

اخبار وطن

راڻي

مختلف ڪتابن تي تبصرا

# پرک

طارق اشرف

پڙهندڙن جا خط

# تنقيد ۽ رايا

پڙهندڙن وٽان

